SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 2006

# SINDH ACT NO.VI OF 2006

# سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 2006

# THE SINDH PROVINCE PENSION FUND (AMENDMENT) ACT, 2006

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

2002.3 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

2002.4 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

2002.5 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 2006

# SINDH ACT NO.VI OF 2006

## سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 2006

## THE SINDH PROVINCE PENSION FUND (AMENDMENT) ACT, 2006

[19 ڊسمبر 2006]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 2006 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 10 اپريل 2005 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 3 جي ترميم

2. سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ آرڊيننس، 2002 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظ "سال" ۽ لفظ "ذريعي" جي وچ ۾

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

لفظ ”سيڙپڪاري جا ريٽرنس شامل ڪندي ۽“ شامل ڪيا ويندا؛

(ii) ذيلي دفعہ (6) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:

”(7) بورڊ فنڊ جي انتظامن جي ميدان ۾ قابليت ۽ مهارت رکندڙ پاڪستان شامل انشورنس ڪمپني سان سرڪاري ملازمن کي پينشن جا فائدا پهچائڻ لاءِ حڪومت جي منظوري سان ڪمپني طرفان تيار ڪيل اسڪيم جي ٺيڪي ۾ شامل ٿيندو.“

2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

3.چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 5 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

”(1)فنڊ بورڊ طرفان سنڀاليو ۽ هلايو ويندو جيڪو مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (a)ماليات وارو وزير | چيئرمين |
| (b)چيف سيڪريٽري | ميمبر |
| (c)ماليات وارو سيڪريٽري | ميمبر |
| (d) سيڪريٽري (جي. اي) سي جي اي اينڊ سي ڊپارٽمينٽ | ميمبر |
| (e)انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان جو نمائندو | ميمبر |
| (f)بئنڪ يا تنظيم جو نمائندو جنهن ۾ فنڊ رکيو ويو آهي | ميمبر“.؛ |

(ii) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:
”(2) ماليات وارو سيڪريٽري بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.
(2_A)ماليات واري وزير جي غير حاضري ۾ چيف سيڪريٽري چيئرمين طور ڪم ڪندو.“.

2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

4.چاڙهايل آرڊيننس جي دفعہ 6 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:
”(2)چيئرمين بورڊ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.“؛

(ii) ذيلي دفعہ (4) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:
”(4)چيئرمين يا بورڊ جي ڪنهن بہ ميمبر کي ڪو معاوضو نہ ڏنو ويندو.“.

2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

5.چاڙهايل آرڊيننس جي دفعہ 8 ۾، ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:

”(2) بورڊ طرفان منظور ڪيل رقم ماليات واري سيڪريٽري طرفان بورڊ جي سيڪريٽري طور صحيح سان فنڊ مان ڪڍي ويندي.“.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**